# بائبل ۾ عورتن جي تصور ۽ بائبل جي تعليم جي مطابق مڪاشفو.

منهنجي بائبل جي لاثاني الهام تي پروسو ڪرڻ جي سببن ۾ هڪ سبب هي آهي، جيڪا هي عورتن جي بابت چوي ٿي يا وڌيڪ هي ته هي عورتن جي باري ۾ ڪجھ نٿي چوي.

1. بائبل ڪڏهن نٿي چوي ته عورتون گڏيل طور تي ناسمجھ، وڏوسورو، ٽڳجڻ واري، مشڪل، من موجي، جنسي اعتبار سان عياش، دل ڪي وٽندڙ، خراب يا ماڻهو کان گهٽ آهي.

2. پراڻي عهد نامي ۾ بائبل جي گهڻن ئي عورتن کي خوبصورت ذهين، همت واريون، عقل واريون ۽ جانباز بيان ڪيو ويو آهي، بائبل جي بيان ڪيل عورتون نبي، استاد، صلاح ڏيڻ واريون رهبر ۽ بچائيندڙ جي طور تي ڪم ڪن ٿيون.

3. نئي عهد نامي ۾ هي چوي ٿي ته نجات ڏيڻ وارو، خدا جو پٽ هن دنيا ۾ هڪ عورت جي وسيلي سان آيو، حيران ڪندڙ ڳالھ هي آهي ته چار انجيلون بيان ڪن ٿيون ته نئي عهد نامي جي شروع تي يسوع کي مئلن مان جيئرو ٿيڻ ڪانپوءِ هن کي ڏسڻ واري پهرين شخص عورت ئي هئي.

4. انجيلن ۾ عورتن کي ڪڏهن بہ خراب اندازي پيش نہ ڪيو ويو، انجيل جون تمام گهڻيون عورتون ايماندار هيون ۽ يسوع جي خدمت ڪندڙ هيون گهڻن ئي تہ هنن سان گڏ خدمت جي ڪمن ۾ سفر ڪيو ۽ هنن جي پنهنجي پئسن سان مدد بہ ڪئي، پولوس رسول جي خطن ۾ گهڻن ئي عورتن جو ذڪر مسيحي خدمت ڪندڙن ۽ پولوس رسول جي همڪار ۾ ملي ٿو.

5. بائبل مقدس ۾ عورتن جو هاڪاري تصور ذڪر جي قابل آهي، ان ڳالھ کي ڏسندي تہ بائبل ۾ مردن جي حڪومت جي ترتيب ۽ هن جي مدد جي طرفداري جي مرڪزي تحرير آهي.

6. ها، پراڻي عهد نامي ۾ ڪجھ خطرناڪ قصا آهن، جيڪي خاص عورتن جي نامناسب ۽ نفرت جي قابل ريوين کي بيان ڪن ٿيون، بائبل جا هي قصا، تعليم ۽ شريعت جا قصا نہ آهن ۽ ناانصافين ۽ اتيا چار کي معاف نہ ڪيو وڃي ٿو. (آئون

سمجهان ٿي تہ بائبل جي قصن سان قانون ناهيا وڃي سگهن ٿا پرقصن جو وڏو ڪم ادبي نہ آهي).

7. بائبل ۾ ڏنل عورت جي تصور جي مقابلي توهان جيئن ئي پاڪ ڪتاب جي قانونن کان ٻاهر قدم رکوٿا تہ توهان عورت جي هڪ ڀيانڪ عام تصور جي بابت پڙهوٿا، هي ڪجهہ ڀيانڳالهيون يهودي ۽ مسيحي لکندڙن ۽ ڏاهن سيکاريون آهن.

8. بين سراچ (Ben Sirach) 2 قبل مسيح ۾ هڪ يهودي لکندڙ پنهنجي (Apocryphal) جي ڪم توريت جي اعتبار نہ ڪرڻ جي حصي ۾ لکيو تہ هڪ سٺي زال خاموش زال آهي ۽ گهڻين عورتن ۾ جنسي بدڪاري جي پيداوار ٿيندي آهي.

(14-12, 11-9:42; 16-13: 26, 25-13:25, Sirach)

”هن ان ڳالهہ کي قائم رکيو تہ عورت عام طور تي مردن جي عزت ۽ احترام جي لاءِ هڪ ڌمڪي هوندي آهي ۽ سڀ کان خطرناڪ ڌمڪي مرد کي پنهنجي ڌيءَ کان هوندي آهي“(وومن ان سيڪنڊ ٽيمپل جوڊازم“ شروعاتي يهودين جي ڪتاب آرڊيمنز مان ورتو ويو آهي) (Woman in Second Temple Judaism” in The Erdmann Dictionary of Early Judaism)

9. هڪ نامعلوم يهودي لکندڙ 2 قبل مسيح ۾ لکيو، اهو بيان ڪري ٿو، عورتون خراب آهن، ......دغا باز.... ڪامي آهن..... (16-13:2 Testament of Reuben)

10.يهودي ڏاهن فيليو 1 عيسوي ۾ لکيو.... ارسطوني فيصلي کي قبول ڪيو تہ عورت فطري طور تي پنهنجي پاڻ ۾ ئي آهي ۽ کان گهٽ آهي، هن مثالي انداز ۾ بائبل جي قصن کي تصور ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪيو، بائبل جي عورت (هن سوچيو) هڪ شخص جي دماغي ڪمزوري کي پيش ڪري ٿو، مطلب تہ عقل جي اعتبار سان جڏهن تہ مرد اعليٰ دماغي سوچ جي نمائندگي ڪري ٿو. عورت جي خلقت مثال طور تي عقل جي اعتبار سان دماغي بگاڙ جي ارٿ آهي ( Opificio Mundi صفحو 59) (Woman in Second Temple Judaism” in The Erdmann Dictionary of Early Judaism

11. ٽرٽولين (Tertullian ) هڪ مسيحي عالمِالهيات 2-3 عيسوي ۾ لکندي عورت کي "شيطان جو دروازو پڪاري ٿو، انهيءَ جو خيال هو تہ تمام عورتون زوال جون قصوروار هيون ۽ عورتون خاص طور تي يسوع جي موت جون قصوروار هيون (عورتن جي ڪپڙن تي باب 1 ۾).
12. غير بائبل يهودي ۽ مسيحي لکڻ وارن جي طرف کان سخت تباھ ڪندڙ ۽ عورتن کان نفرت ڪرڻ وارن جون گهڻيون مثالون واضح آهن.
13. بائبل جون تحريرون (نر) مرد جي چوڌاري گهمن ٿيون، چو تہ هي تحرير مشرق جي ويجهو پراڻي زماني ۾ ماڻهن، ماڻهو جي حڪمراني جي تهذيب ۾ لکيو ۽ اسان بائبل ۾ ڏسون ٿا تہ عورتن کي اها آزادي حاصل نہ هئي ۽ ماڻهن کي هئي اهو صرف انهن ماڻهن جي حڪمراني جي تهذيب جي سبب هو، خدا ان تهذيب جي مرد کي هنن جي ترتيب کي پنهنجو قصو بيان ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪيو پر بائبل تي پاڪ روح جا بہ اثرات هئا ۽ هن سان غير بائبل تحريرن ۾ عورتن سان نفرت رکڻ جي ڪا سخت يا تمام گهڻو عام خيال موجود نہ هوندو آهي.
14. مون کي هن ڳالھ کي دهرائڻ ڏيو بائبل ڪڏهن نٿي چئي تہ عورتون گڏجي طور تي ناسمجھ، وڏو سورو، نڳڻ واريون، مشڪل، من موجي، جنسي اعتبار سان عياش، دل کي وڻندڙ خراب يا مردن کان گهٽ آهي.
15. بائبل ۾ لکڻ واري جو خاص پيغام هي آهي تہ مرد ۽ عورتون برابر آهن، ۽ مليل آهن عورتون ڪنهن بہ طرح سان مردن جي مقابلي ۾ گهٽ نہ آهن، هي پيغام غير معمولي آهي، بائبل جي دور جي ترتيب ۽ تهذيب تي غور ڪندي ۽ هي پاڪ روح جي الهام کي ظاهر ڪري ٿو، عورتن ۽ ماڻهن جي وچ ۾ اصل برابري ۽ ميل ميلاپ جو هي پيغام اهو پيغام آهي، جنهن کي ڪليسيا ۾ ۽ دنيا ۾ ورهائڻ ۽ ترقي ڏيڻ گهرجي، اها ئي پيغام آئون ورهائي رهي آهيان.

آئون خوش آهيان تہ آئون بائبل جي هنن آيتن تي ڳالھ ڪريان ٿي، جيڪا هيٺ ذڪرن جي حصي ۾ غيرواجبي ۽ عورت کان نفرت کي ظاهر ڪري ٿي. بائبل جي عورتن تي وڌيڪ ڳالھ ڪرڻ جي لاءِ توهان منهنجي Every old testament woman, facebook صفي تي ڏسي سگهو ٿا، يا Equality Central Forum تي.